


گيت - گنگا !

رويندرناٿ ٺاڪر

گيت ـ گنگا

اصل بنگاليءَ ۾: رويندرناٿ ٺاڪر

سنڌيءَ ۾ الٿو: ڦتن پرسواڈي

پريات پبليڪيشن
الهاسنگر ـ ٣.

گڏي گاڏي گرديو!

گرديو رويندرناٿ ٺاڪر، پنهنجي پوڄيه پتا مهرشي ديويندرناٿ ٺاڪور کان پريرڻا پائي، بال-اوستا ۾ ئي شروع ڪئي هئي برهم جي تپسيا، آرادنا، اُستتي هماليه پربت جي گود ۾ وسيل نئينيتال ۽ مسوريءَ جي لڳ ڪانداريندڙ ٿڌ ۾، پرات ڪال جو ۴ بجي اٿي، نديڙو روي، سيتل جل سان وهنجي، مهرشيءَ جي اوڏو ويهي، اُپنيشدن جا شلوڪ اُچاريندو هو: "برهم ئي ستيه آهي. هوُ آنند جي اننت روپن ۾ پاڻ پسائي ٿو."

اِن ريت روي ٺاڪر جي من ۾، مهرشي پتا جي سنگ ۽ سنسڪارن ڪري، ننڍي هوندي کان ئي پريوءَ لاءِ ٿدوار پئدا ٿي هئي؛ سندس هردي مان، انکي پسڻ لءِ پڪار نڪتي هئي! ان لڳاتار ٿدوار ۽ پڪار سان، جڏهن ڪيس پنهنجي "پريتم" جو درشن ٿيو، تڏهن سندس روم روم آنند سان ڀرجي ويو! ان اڳاڌ آنند جي انڀو سان، هن هنن گيتن جو سرجڻ ڪيو آهي!

جيئن ٺيڪ اڄ جي يڳ ۾، سراسر آدمي، پريو ۽

ڇاپو پهريون]   ڊسمبر ١٩٩٥   [ڪاپيون پنج سؤ
قيمت ١٥ روپيا
ڇپائيندڙ: ڦتڻ پرسواڻي، پرڀات پبليڪيشن پاران.
پتو: بلاڪ نمبر ١٠٩٧، او ٽي سيڪشن، اُلهاسنگر-٣.
ڇپيندڙ: شري ايشورداس وي. جادواڻي،
راجو پرنٽرس، اسٽيشن روڊ،
اُلهاسنگر-٣.

Title of book : Geet Ganga
(River of Songs)
First Edition
Name of original Author : Ravindranath Tagore
Name of Translator: Phatan Purswani
Month & Year of Pubiishing: December 1995
Number of copies: Five hundred
Price : Rs. 15/- only
(Rupees Fifteen only)
Publisded by : Phatan Purswani on behalf of Prabhat Publication,
Address : Bk. 1097/4, O.T.Section, Ulhasnagar-3.
Printed by : Shri Ishwardas Jadwani,
Press : Raju Printers, Station Road, Ulhasnagar-3.

وِڇاڙَ، ڪاٺي ۽ ڪنڊن جي گهيري اندر، ٻَر ڪَٽيل پکين جيان، ڪيٽرانيون هٽندا؛ ان ڇوڳي جي ارد-گرد ڦيريون پائيندا رهن ٿا! انهن حالتن ڪري، اڄ ماڻهوءَ جو من، ڏينهون پوءِ نيسائجي، مرندو رهي ٿو؛ ان ۾ هاڻ ٽپرس ۽ آنند جا ڀاوَ ورلي اُڀن ٿين ٿا!

اهڙي رس ۽ ڀاوَ-رهت سنسار مان گذرندي، جڏهن روي ناڪر جي گيتن جي امراوتيءَ وٽ رسجي ٿو، تڏهن انجي مڌر ڪَل ڪَل سر سٽڪ سان، مرجهايل دل، تازي توانائي ٿي پوي ٿي؛ تتل هردو ٺري، سيتل ٻڻجي پوي ٿو؛ اندر جو وڇايل وشواس وري ٿو؛ چت جو ڪوماڻل ڦول، سهسر ڪنول جيان ٽڙي پوي ٿو! ڀانت ڀانت لئه، تال ۽ سُرن ۾، گرديو جي هنن ٻريوءَ جي ياد ۾ ڳاتل گيتن پڙهندي-سڻندي، هڪ نرالي، آنند-ميه سنسار ۾ پهچي وڃجي ٿو. سندس هنن گيتن ۾ اُها ڪشش آهي، جو منش ٿ، چا، خود ٻريو نه ٻرسن ٿي، سندس دوار ٻاهران اچي ٻيهي ٿو؛ جيئن گرديو پاڻ ٿي، هڪ گيت ۾ لکيو آهي:

”تون هتي پنهنجي اونچي آسڻ تي ويٺو هئين؛
۽ مان هت ويهي، پنهنجا گيت ڳائي رهيو هوس!
جڏهن منهنجن گيتن جي سنهي، اڻ لکي سُر-ڏني،
تنهنجن ڪنن تائين پهتي،

پرڪرتيءَ سان لڳ ڀڳ ناتو ٽوڙي چڪو آهي؛ ڪيس صرف دک ۾، تڪليف ۾ ئي پرماتما ياد اچي ٿو، جڏهن هو گهٻرائجي، پرڀوءَ کي پڪاري ٿو؛ سهايتا لاءِ ان کي ڀاڙائي ٿو. ليڪن پرڪرتيءَ ڏانهن ته ڌيان ڏيڻ ڇڏيائي، سندس ڪم هلي وڃي ٿو؛ ڪيس سورج جو اڀرڻ-اُلهڻ، چنڊ جي وڌڻ-گهٽجڻ ڪلائن، آڪاش ۾ تارن جي جڳمڳاهٽ وارا درشيه ٻهه لڀائين نٿا!

اِها ته ٿي آڪاش-منڊل جي ڳالهه! پر ڀوُ-منڊل پڻ- دور دور تائين ڦهليل شاهي ميدان، لهرلهائيندڙ سبز کيت، ڪل ڪل سُر ۾ وهندڙ نديون ۽ جهرڻا، جل سان ڀريل ڍنڍون ۽ تلاءُ، گهاٽن ڇايادار درختن سان ڍڪيل بن، پربتن جا ايڪانت آستان، اِهي سڀ سندرتا جا ڀنڊار، اڄ جي ماڻهوءَ جي دل کي موهين نٿا! هو ڳوٺ جي سادي، سانت ۽ ڌيمي چال سان هلندڙ جيون مان اُڀجي، شهر جي هل-هلاچي، گوڙ-شور وچ ۾، تيز رفتار واري زندگي گهارڻ ئي پسند ڪري ٿو!

اِهو سڀ هن مشين يگ جو پرتاپ آهي، جنهن ڪارڻ اڄ آدمي سرپرڪ سک-ڀوڳ کي ئي رڳو، جيون جو مکيه مقصد مڃي ٿو. اُن لاءِ هو ڏينهن-رات جاکوڙ ڪري ٿو؛ حيران-پريشان رهي ٿو! سندس

رڳو تنهنجن گيتن جي تان تي وڃندا رهن ٿا!"
۽ اڃا به اڳتي، گرديو سرشٽيءَ جي داتا کي چوي ٿو:
"پريو! گائڪ بڻجي، تنهنجي شيوا ڪرڻ جو بار،
مون مٿان اچي پيو آهي!
مون پنهنجن سرن ۾،
تنهنجا بسنتي ڦول پوئا آهن؛
وڻن جي پنن جي سَر سَر کي،
مون سُرن ۾ سمايو آهي؛
انهن سُرن ۾ لهرائيندڙ گيتن جي تانَ پريل آهي؛
سانت راتڙيءَ ۾،
مون پنهنجن گيتن جي گونج ڦهلائي آهي!"

ان مان ائين پيو ڀاسي، ڄڻ ڪوي رويندرناٿ
جو جنم، پريوءَ جي گيتن سڻائڻ ڪاڻ ئي ٿيو هو!
ليڪن مزي جي ڳالهه اِها آهي، جو ايترن گيتن ڳائڻ
ڪانپوءِ به، ڪوي پيو چوي:
"پريتم، جو گيت ڳائڻ لاءِ،
آءٌ تنهنجي سڀا ۾ آيو هوس،
سو اڄ سوڌو مون نه ڳايو آهي!
هيءَ جيون،
نجو پنهنجي وينا جي تارن جو سُر ساڌڻ ۾ ئي نبري
وئي!"

جيتوڻيڪ مهاڪويءَ جـي اهڙن گيتن جـو ڪو

ڏ، ٿون هيٺ لهي، مُهنجي گهر جي دوار ٻاهران اچي،
بيهي رهئين!
اِئين ڏ، وشو جي دربار ۾،
اڻ ڳڻيا ڳڻي گائڪ آهن؛
ليڪن مون ڳڻي-هيڻ جي گيتن ٿي،
تنهنجي پريم کي جاڳايو آهي!
اُن سان پرسن ٿي،
تون ور-مالها کڻي هيٺ لهي آئين؛
۽ اُها مونکي پهرائڻ لاءِ،
تون مُهنجي گهر جي دوار ٻاهران اچي،
بيهي رهئين!
ٻيا وري ٻئي هڪ گيت ۾ چيو اٿس:
پريو! تو جڏهن مونکي گيت ڳائڻ لاءِ چيو،
تڏهن فخر وچان مُهنجي ڇاتي ڦولجي وئي؛
مُهنجيون اکيون آنسن سان ڀرجي آيون؛
۽ مان ڀڪ- ٽڪ تنهنجي مک ڏانهن ڏسندو رهيس!
اِنکري ئي ڄرديو، پريوءَ کي چوي ٿو:
"پريو! مان هت نجو تنهنجا گيت ڳائڻ ڪاڻ آيو آهيان؛
تنهنجي وشو-سڀا ۾، تون مونکي ڳائڻ جي آگيا ڏي!
آءٌ تنهنجي سنسار جي بيشمار ڪمن لائق نه آهيان؛
مُهنجا پراڻ سارو سمو،

اِها انوکي خوبي آهي، تہ ان مان جيترو جھجھو جل
پيءُ، اوتري پياس اُڀڄھ رهي ٿي، ٽيگور گرديو جي
گيت-گنگا ۾ پڻ، اِها خصوصيت آهي! سندس گيتن
پڙهندي-ٻڌندي، اِن راز جو پتو پوي ٿو تہ ڪرشن
جي بانسري جو آلاپ ڪن پوندي ئي، راڌيڪا ڇو
بانولي بڻجي ڊڪندي هئي؛ گرڌر گوپال جو نانءُ
ٻڌندي، ميران ڇو مستيءَ ۾ اچي نچندي هئي؛
تلسيءَ جي "رام ڪٿا" پڙهندي، اکڙين مان ازخود
جل-ڌارا ڇو وَهي نڪري ٿي؛ "سور ساگر" ڳائيندي،
چت ڇو يشودا مئيا جيان، ممتا سان ٽمب ٿي وڃي
ٿو!

اسانجي ٻين مهاڪوين- ڪبير، نانڪ، تڪارام،
نرسي مهتا، ٽياگراج، چنڊي داس ۽ ڪنوررام وانگر،
رويندرناٿ پڻ پرڀوءَ جي انيڪ ليلائن-گڻن بابت
گيت ڳايا آهن؛ هن شبدن ۾، انجي مها سندر روپ
جو ورڻن ڪري، ڀڳتي-رس سان، لوڪن جو چت
ڇريو ڪيو آهي!

تنهنجو سنگ پائي، هي سندر پريو!
منهنجو سرير پوتر ٿيو آهي؛
منهنجو هردو پرسن ٿيو آهي؛
منهنجو هي جنم سڦل ٿيو آهي!

اِن ريت روي ٺاڪر جو پريو، ڪلاڪار لاءِ، ڀڳت

ٿاهه ئي ڪونهي، پوءِ بہ جيون جي آخرين پهر تائين،
سندس هردو گيتن ڳائڻ مان نہ ڀريو هو؛ هوُ پنهنجن
نون نون گيتن سان، پرڀوءَ کي نت مگن ڪندو رهيو؛
گيتن جي گنگا وهائيندو رهيو!

جيئن شنڪرجيءَ جي جٽائن مان، الوڪڪ گنگا
جي ڌارا نڪري، اڄ تائين رشين-منين، سادن-
مهاتمائن، وئراڳين-سنسارين جو اُڌار-ڪلياڻ ڪندي
رهي ٿي؛ تيئن گرديو جي آنند-ميہ هردي مان پڻ،
جيڪا گيت-گنگا وهي نڪتي آهي، سا ڪلا پريمين
کي مگن ڪندي، ڪشش ڪندي رهي ٿي!

رويندرنات جي هنن گيتن ۾، سنسار جي انيڪ
بين پرڀوءَ جي سار-ڀڪار وارن گيتن جيان، من جي
نربلتا جو ورنن ناهي؛ دک ۽ پيڙا سان گهيريل دل
جو رودن ڪونهي! هنن گيتن ۾ گرديو پنهنجي ڪُل
سُر، آلاپ، رَس، لئہ ۽ شبدن سان، هڪ سچيءَ پرڀوءَ
جي رچنا ڪئي آهي، جنهن ۾ هوُ سندس پريتم،
بندو، متر، مهمان بڻيو آهي؛ هنن گيتن ۾ آشا، آنند
۽ پرڪاش جا چٽر آهن؛ سپنا آهن. اُهي گيت،
منش جي آتما کي اونچو اُٿاري، هُن پار پهچڻ جي
شڪتي ڏين ٿا. انهن ۾ سندرتا جو امر سنديش
آهي؛ اهڙي پورڻتا آهي، جا پياسي هردي کي
ترپت ڪري ٿي! ساڳئي وقت، جيئن گنگا جل جي

سمرپڻ

پورڻ شرڌا ۽ گهڻي پريم سان،
ارپيان ٿو پنهنجن انهن پيارن کي،
جيڪي اڳم ديس ڌاڻهن اُسهيا آهن.

داس آنند آهوجا
١، "امبر ڪرافٽ"
٣١٥، ڊاڪٽر امبيڊڪر روڊ،
کار (اولهه)،
بمبئي-٥٢.

لاءِ پارس مٽيءَ جو ڪم ڪري ٿو؛ جنهن ڪـــي اُهو
سپرش ڪري ٿو، سو سونو ٿي پوي ٿو!

ڦتن پرسواڈي
٢٥-١٢-٩٥

ستگرو



سوامي مڱل ناٿ صاحب جي

ڪاڪو سائين



سنت شر ومڻي

ديوان ڪرمچند آهوجا

بابا سائين



ديوان سيتلداس سلامتراء آهوجا

امــڙ



شريمتي ڪشوربائي
ديوان سيتلداس آهوجا

تنوار

پنهنجي ڏينهن شروع ڪرڻ کان اڳ،
مان تنهنجي سپرش ڪاڻ تو وٽ آيو آهيان؛
هڪ پل لاءِ ئي سهين،
تون پنهنجون اکڙيون کڻي مون مٿان ٻار؛
جيئن پنهنجيءَ هاج تي اُسهڻ ويل،
آءٌ تنهنجي سنگ هئڻ جي لساڀ کڻي وڃان،
او پريتم!
منهنجي هردي کي پنهنجي سنگيت سان ڀري ڇڏ؛
جيئن هي شور ڀريو ڪنارو لنگهي،
مان پار هليو وڃان!
پريو! پنهنجي پريم جي مڌر سپرش سان،
منهنجن وچنن کي آنند-ميه بڻاءِ؛
۽ منهنجي جيون جي واديءَ ۾،
تون نت ڦرندو ره!

[٥]

اڄ-وچ جي ڏڳهه ڪناري ويهي،
گيت ڳائيندي منهنجا ڏينهن نبريا آهن!
منهنجي هرديءَ اندر جا ويڻا پيٽي وڃي،
چاهيان ٿو ته انجا پن پن سُر،
آءٌ پانت-پانت ڦولن جي رنگن ۾ ڪنڊيري وڃان؛
انجي تان، سونهري بادلن ۾ ڇپائي ڇڏيان؛
ٿڏهن آها، ڪڏهن ميلاپ جي مالها ڳٽجي،
ٻن پريمين جي گلي ۾ نچندي رهندي؛
ته ڪڏهن وري آها،
ٻن منتظر نيڻ جي پلڪن کي پڄائيندي رهندي؛
يا چيت جي مهني ۾،
اُها باڪل جي گلن سان ٻڪيل،
ٻن جي گاهه مٿان ڏريل هوندي!
اِن ريت منهنجي من جون باتيون ڇٽي،
ڇوڏر ڦهلجي ويندئون؛
جي ڪنهن سمي، ڪو وئراڳي اچي ميڙيندو!

[۴]

ڪن پل لاءِ ئي مونکي پنھنجي ڀر ۾ ويھڻ ڏي؛
منھنجن ھٿن ۾ جا ڪاج آھي،
سا آءٌ پوءِ ئي پوري ڪندس!

ڇو تہ تنھنجي مک ڏٺي بنا، منھنجي من کي چئن
نٿو اچي؛
ڪار-ڪرت ۾ رڌل، آءٌ جيترو ڀٽڪندو ڦران ٿو،
اوترو ئي پايان پيو، ڪنھن اسيم ڪناري-ھيڻ ساگر ۾،
لڙھي رھيو آھيان!

اڄ رتين جي راجا بسنت جي پڌارڻ جو سماچار
آيو آھي؛

ھوءُ آلسي ٿور سان ھلندو،
ڦلواڙيءَ کي پرڪرما ڏئي،
ٽاريءَ ٽاريءَ کي پيو جاڳائي!
اڄ ايڪانت ۾ تنھنجي مک سامھون،
ويھڻ جو ڏينھن آھي؛
۽ ائين ھڪ منو ٿي،
مان جيون-ارپڻ جو گيت ڳائيندس!

[٧]

تنهنجي ورهه-ويدنا ڪڻ-ڪڻ ۾ سمايل آهي!
بن، پربت، ساگر ۽ آڪاش مدجهه پڻ،
اُها ڀن-ڀن روپن ۾ جڳي پيئي!

اُها به تنهنجي ورهه-ويدنا ئي آهي،
جيڪا شانت-تارن جو ديپڪ جهلي،
گنڀير رات، نت پرگهٽ ڪندي رهي ٿي!

ساوڻ ۽ بدي جي جل-ڌارا سان،
ڏڪ-ڏڪ ڪندڙ وڻن جي پنن مان پڻ،
تنهنجي ورهه-ويدنا جو آلاپ پيو سڻجي!

اِها ئي ورهه-ويدنا،
مانوي پريم-واسنا، سک-دک جي ڀن ڀن روپن ۾،
گهر-گهر اندر ڦهليل آهي!

منهنجي گيتن جي سُرن ۾ ۽ هردي اندر،
اُهائي ورهه جي پيڙا،
سيلاب بڻجي ۏهي رهي آهي!

اڄ آڪاش ۾ ڪنهنجي چرڻ-ڌني پيئي گونجي،
۽ پَوَن ۾ ڪنهنجو ڪومل سپرش سمايل آهي؟

اڄ ڪهڙو ويراڳي، ورهه جي وياڪل واڻي،
بانسريءَ جي ڇيدن ۾ ڀري پيو وڄائي؟

اڄ ٻن جي گهاٽي ڇايا ۾،
ڪنهنجي آتر اکڙين جي نهار پيئي پسجي؟

اڄ مڌ-مکين جي چال ڀاري ٿي آهي؛
ڪنهن ڪارڻ سندن چنچلتا ٿمجي وئي آهي؟

اڄ منهنجا گيت ٻڻ انهن سان مِلي،
نہ معلوم ڪهڙي ويدنا سان ڀرجي ويا آهن!

ڏينهن سمي، تو انيڪ سرن ۾،
پنهنجي بانسري وڄائي؛
منهنجن پراڻن کي تنهنجي گيت جو سپرش ٿيو؛
پر تون پاڻ پري رهئين!

تڏهن آءٌ وسميءَ ۾ پئجي،
واٽهڙن کان پيو پڇان:
"هيءَ بانسري ڪنهن وڄائي؟"
سڀ پن پن نالا ٻڌائي پيا ڀلائيم؛
۽ انهن جي ڏسن انوسار،
آءٌ جدا جدا دڙن تي ڀٽڪندو پيو ڦران!

هاڻي سنجها سمي منهنجي من جو آڪاش مرجهايل
آهي؛
ساري ڏينهن جي ڪوچ ڪارڻ منهنجا نيڻ ٿڪل آهن؛
تون جي هيئن گس گس تي رلائيندين،
ته آءٌ وأرٿ ڳولها ۾ مري ويندس!
پريتم! بس منهنجي اندر اچي تون پنهنجو آسڻ پٿار؛
منهنجي پراڻن جي انت-پر ۾ اچي پنهنجي بانسري
وڄاءِ!

اڄ جل جي ٻوج کان ڀاري ٻٽيل بادل،
جھر جھر ڪري وهي رهيا آهن؛
آڪاش جو ٻڌن ٽوڙي،
اسيم جل-ڌارا پرٿويءَ لي امڙي آهي؛
انجو ڪو اور-ڇور نٿو پسجي؛
ڇٽني ڏسائن ۾ ڦهليل،
ٻرساتي پاڻي، ساگر جيان پيو ڇوليون ماري!
هن اروڪ ورکا ڪارڻ منهنجو من پڻ،
چنچل ٻڻجي بادلن سان گڏ نچي رهيو آهي؛
منهنجي انتهہ-ڪرڻ ۾ ڪئين سر پيا ڳونجن،
جن سان دل مگن ٿيو وڃي!
اهڙي سمي پنهنجي گهر کان ٻاهر،
ڪير ويندو ڀلا؟

[11]

هن پيري سنجها جي رنگ ۾،
منهنجو هردي-گگن رنگجي ويو؛
۽ سنڌم سموري واٽي،
سنڌيا جي لاليءَ ۾ رنگارنگي ٿي وئي!
منهنجي دل پيئي ٻولي ته اڄ،
ڏينهن سماپت ٿيندي ئي راهگير گهر ايندو،
۽ منهنجي انتر-آتما جو شڀ-لگن،
سنڌيا جي اپورو رنگن ۾ ئي سمپورڻ ٿئبو!
پربت کان ايندڙ ۽ ساگر مٿان گهلندڙ
وايوءَ سان،
منهنجين اکڙين ٿي هلڪي بيسڌي
پيئي ڇانئجي
جڏهن مسافر در وٽ اچي سهڙندو،
تڏهن منهنجي ننڊ پنهنجو پاڻ ئي گم ٿي ويندي!

[١٠]

تون ڪهڙي نه مڌر اگني-ويڻا وڄائين ٿو؛
ان گيت جي نشي ۾،
تارن ڀريو آڪاش جهومندو پيو پسجي!
اِن ريت ئي تو جڏهن پنهنجين آڱرين سان،
منهنجيءَ ويڻا کي سپرش ڪيو،
تڏهن منهنجي جيون ۾ پڻ هڪ نئين سرشٽي جاڳي اُٿي!

پريو، تون اِئين منهنجن پراڻن کي،
اگني-ويڻا جيان وڄائيندو رهه؛
جيئن اُهي گهور راتڙيءَ جي تارن جيان،
پرڪاش-ميه ٿجي، جڳمڳائين!

پنهنجي سنسان گهر جون ڏيوارون لنگهي،
پراڻن جي رت ٿي وهي؛
وشال وشو-ياترا ڪاڻ،
آءٌ ڪڏهن ٻاهر وڃي سگهندس؟
بيحد موهه ورن، سيني جا ڪارج ڪندو،
مان دنيا جي ڦندي ۾ ڦاسي ويو آهيان؛
اِڇا-آشا سان لٻ، سک-ڏک جي ساگر ۾ وهندو،
مان ڪيترين ننڍيون-وڏيون لهرون پار ڪندو رهان ٿو؛
ليڪن ڀيانڪ طوفان ايندو ڏسي،
مان ٻچڙا لاءِ يڪدم تنهنجيءَ گود ۾ ڊوڙي اچان ٿو!
اُن ويل جڳت جي ڪولاهل ۾،
تنهنجو سر ئي منهنجن ڪنن تائين رسي ٿو!

[۱۲]

دکہ جي انڌڪار ۾،
جيڪڏهن تنهنجي منگل-جوت جڳي ٿي،
ته اُهائي هجي!

مرڻيو نيو،
جيڪڏهن تنهنجي امرت-مَيہ لوڪ ۾ رسائي ٿي،
ته اُهائي هجي!

منهنجي پيڙا،
جيڪڏهن وَٽ ٻَٽجي، تنهنجي پوڄا-ديپ ۾ جلي ٿي،
ته اُهائي هجي!

وره جي آنسن ٻڌل منهنجين اکڙين مٿان،
جيڪڏهن تنهنجي سنيهہ درشٽي پري ٿي،
ته اُهائي هجي!

اڄ پنهنجي ايمان بدلي،
آءٌ تو کان تنهنجي ڳلي جي مالها گهرندس؛
۽ رات جي انت ۾،
آءٌ اکين جي آنسن جو اڌيائءُ سماپت ڪري ڇڏيندس!
اِن ريت جڏهن پنڌ پاڻي ڪندڙ،
تنهنجي چرڻن جي مڌر سپرش سان،
منهنجي جڙ هردي جي،
ساري ڪٺورتا ڳري ويندي؛
تڏهن منهنجون ساريون ڪمزوريون دور ٿي وينديون!
پريو، سنڌء پريم، جو اجالو پڻجي آيو آهي،
تنهن منهنجي هردي کي، پرڪاش-مئه بڻائي ڇڏيو
آهي؛

۽ منهنجي اندر ۾،
جو سڀ کان وڏيڪ ملهائتو پدارٿ آهي هو،
تنهن کي نشٽ ڪري، تو ٻي-بها رتن سان ڀري
ڇڏيو آهي!

[١٤]

مان تنهنجي اوڏو آيس،
جيتوڻيڪ اها ڪل ڪانه هيم،
ته مون توکي ڪڏهن ڏکوئڻ شروع ڪيو؟

توسان لڙي، هار کائڻ بعد ئي،
مون توکي آخر پنهنجي دل جو مالڪ ڪري ڄاتو؛
ٽيسين توکي ڳجهه ڳوهه ۾ لٽيندي،
مان تو مٿان پنهنجي قرض جو بوجو وڌائيندو رهيس؛
اهنڪار وس ٿي، مان تنهنجي سنساري وهڪري کي،
روڪڻ جو يتن ڪندو رهيس؛
ليڪن اهو سڀ صرف ان لاءِ ٿي ڪيم،
جيئن مان پنهنجي سيني اندر، توکي محسوس ڪري سگهان!

توسان وڙهه طور،
مون سمجها جو، پنهنجي گهر جي جوت اُس ٻجهائي ڇڏي؛
پر تنهنجي تارن ڀرئي آڪاش جي پرڪاش،
مونکي بلڪل اواڪ بڻائي ڇڏيو!

پُکار

پر پيو، تو جيڪا ذميواري ڌري آهي،
انکي ڪٽڻ ۾ سوکو ڪري ڇڏيو اٿئي!
پر جيڪو پدارٿ مون گڏ ڪري رکيو آهي،
سو سڀ بوجهه ٿي پيو اٿم!
ان بار جي ڀاري وزن سبب،
آءٌ نچاڻان ڪيترو هيٺ جهڪندو وڃان ٿو!
او منهنجا ٻنڌو،
تون مونکي هن اسهڻ درد کان آجو ڪر؛
۽ منهنجي هن وڙتڪ-ڀاڙا کي روڪ!
سک، جيڪي مان ملهه ڏيئي وٺان ٿو؛
سي سڀ آخر ۾ پيڙادائڪ سڌ ٿا ٿين؛
پر تون جيڪو ڏک ڏين ٿو،
سو ته، مون لاءِ درلڀ دان آهي؛
اهو ويدنا رس سان،
پراڻن کي سارٿڪ بڻائي ٿو ڇڏي!

[۱]

ڏرپو! واسنائن جي آڳ،
منهنجن پراڻن ۾ ڀڙڪي رهي هئي؛
منهنجو روح-راڙو ۽ اسيم ڀڄي چڪو هو؛
پوءِ ۽ تو ڪروڙا ڪس ٿي،
مونکي پسم ٿيڻ کان بچائي ورتو؛
تنهنجي اِها اپار ديا،
منهنجي جيون جي ڪڻ ڪڻ ۾
سمايل آهي!
هاڻي آءٌ توکان رڳو ايترو ٿي چاهيان ٿو،
ته مونکي روز مره جي لالسائن کان بچڻ لائق بڻاءِ؛
مون لاءِ تنهنجو اِهو مهادان ٿيندو!

پريو! منهنجو مستڪ، پنهنجي چرڻ-رج تائين
جهڪائي ڇڏ؛
منهنجي سموري اهنڪار کي، اکڙين جي جل سان
وهائي ڇڏ!
وڏائي ڪندي، مان پنهنجو ئي اپمان ڪريان ٿو؛
نجو پنهنجي چوڌر پرڪرما ڏيندي،
آءٌ کن کن ۾ لڇي ٿيان ٿو؛
پريو! تون منهنجي سموري اهنڪار کي،
اکڙين جي جل سان وهائي ڇڏ!
ائين نه ٿئي جو پنهنجن ڪمن لاءِ،
آءٌ پنهنجو ئي جس ڳايان؛
منهنجي جيون ۾،
تون پنهنجي ئي اڇا پورڻ ڪر؛
ان ريت انڪي،
تون پنهنجي پرم شوڀا سان پر؛
پريو! تون منهنجي سموري اهنڪار کي،
اکڙين جي جل سان وهائي ڇڏ!

[٢]

ڀرڀو! پنهنجي هيءَ ملين ڇايا مٿائي ڇڏيان،
اِهائي ڪامنا اندر ۾ رهيم ٿي:
ڇو ته مان جتي به وڃان ٿو،
دانهن، جي اِها ڇايا مونسان گڏ هلي ٿي!
منهنجو جيءُ چاهي ٿو،
ته هن ڇايا کي، آءٌ آگ حوالي ڪريان؛
ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيان؛
يا تنهنجن چرڻن ۾ ڌريان!
جڏهن منهنجي هيءَ ڇايا هٽندي،
تڏهن تنهنجو پرپورڻ درشن ملندم!

[۵]

”پرڀو! آپدائن کان منهنجي رکيا ڪر“
اِها منهنجي پرارٿنا نه آهي؛
سنڪٽ سامهون ڀؤ، آءٌ نربيه رهان،
مونکي اِهو وردان ڏي!

”منهنجي دکي من کي شانتي ڏي“
آءٌ توکي اِن لاءِ نٿو ليلايان؛
مان دکن تي وجيه پايان،
اِها آشيرواد ڏيئم!

مونکي تنهنجي سهايتا ملي نه سگهي؛
پوءِ به پنهنجي دينتا سويڪار ڪري،
مان پراڌين نه بڻجان،
اهڙو ٻل ڏيئم!

سنسار جو ڇل، انرٿ، ڪوڙ-ڪپٽ،
منهنجي ڀاڱي ۾ آيو آهي؛
”مونکي انهن کان بچاءِ“
اِها پرارٿنا ڪرڻ لاءِ، مان تنهنجي در تي نه آيو آهيان؛

پر مونکي سنڪٽ-ساگر ۾،
ترندي رهڻ جي شڪتي ڏي!

پريو! ڏسڻ ڏيئم؛
تون مونکي پاڻ اندر،
پنهنجو ”پاڻ“ ڏسڻ ڏي!
ان لاءِ جيڪڏهن تون مونکي روئارڻ چاهين،
ته پل پوريءَ طرح روئارج؛
جيئن منهنجيون اکيون،
آنسن جي ڌارا سان اوُجل بڻجي وڃن!

نڀاڳان هيءَ کهڙي ماياوي ڇايا،
پنهنجي ڀرپل ڪشش سان،
مونکي ڏينهن--رات ڀلائيندي رهي ٿي؛
تڏهن منهنجي پريشاني وڌي وڃي ٿي!

پنهنجي ساري جيون ۾، سکن جي کوج ڪندي،
مون سپنن جو ئي انبار ڪٺو ڪيو آهي؛
هاڻ مونکان پنهنجي هيءَ ديدنا؛
وڌيڪ سٺي نٿي ٿئي؛
پريو، ڏسڻ ڏيئم؛
تون مونکي پاڻ اندر،
پنهنجو ”پاڻ“ ڏسڻ ڏي!

[٦]

پرڀو! مونکي پيار ڪرڻ جي شڪتي ڏي،
اِهائي منهنجي پرارٿنا آهي!

همت ڏيم ڳالهائڻ جي؛
تنهنجيءَ اِڇا انوسار ڪم ڪرڻ جي؛
سُکه ڏيم دک سهڻ جي؛
نمو ٽياڳڻ جي؛
هيڪلو گهارڻ جي!
آپدائن کي منهن ڏيڻ جو ٻل ڏيم؛
ٻلي دکن سان سينگاري مان ڏيم؛
مونکي ان ڀاوَ پائڻ ۾ مدد ڪر،
جو روز ٿو اڳيان پاڻ سمرپڻ ڪري!

پرڀو! مونکي پيار ۾ اٽوٽ وشواس ڏي،
اِهائي منهنجي آرادنا آهي!

اُهو وشواس ڏيم،
جو موُت اڳيان جيون کي آهي؛
اُن دک جي مهانتا ۾ آهي،
جيڪو وار سهي ٿو،
پر ورائڻ جي وائي نٿو واري!

"منهنجو دنيوي بار هلڪو ڪري ڇڏ"،
اِها ڀيک مڱڻ لاءِ، مان تو وٽ نه آيو آهيان؛
اُهو بوجو کڻي، هلندو ئي رهان،
اهڙي سمرٿي ڏيم!

سک جي گهڙين ۾ به،
مان تنهنجو درشن ڪري سگهان؛
۽ دک ڀرين ڏينهن ۾ پڻ،
آءٌ تنهنجي هستيءَ ۾ سنديهه نه ڪريان؛
پرڀو، اِهائي منهنجي وندنا آهي!

[٨]

ڀڄ ڀڄو! هاڻي هيءَ لڪ-ڇپ جي راند ختم ڪر؛
جي ان ۾ ٿوري ڪشٽو آهي،
ته ٻوءِ پل مهنجو سڀ ڪجهه کسي، ٿون پاڻوٽ ڏر؛
مهنجا اُهي ڀريل گيت،
جيڪي آءٌ ڪيترن ورهين کان، ڏاڍي فخر سان،
راڄ-دربار ۾ ڳائيندو پئي رهيو آهيان،
سي به ٿون ڪڻي پنهنجا ڪر!
پنهنجي هن جيت سان مونکي هارائي،
ٿون پل مونکي خوب روئار؛
ڏسجي ته مان ڪا ٻڙڪ به ٻوليان ٿو!

[٧]

پريتم! آءٌ ڄاڻان ٿو،
اِهو تنهنجو پريم ئي آهي،
جو پن پن مٿان،
سونهري ڪرڻن جي روپ ۾ نچي رهيو آهي!

تنهنجي پريم ڪارڻ ئي،
آڪاش ۾ بادل نچندا-جهومندا رهن ٿا؛
سيتل هير جا جهونڪا،
سدا آنند ڏيندا رهن ٿا!

هي منوهر پريو!
اِهي سڀ تنهنجي پريم جا ئي ٻار آهن!

[١٠]

پرڀو! ڪيترن ئي اڄاڻن سان،
تو منهنجي سڃاڻپ ڪرائي آهي؛
ڪيترن ئي پراون گهرن ۾،
تو مونکي آستان ڏياريو آهي؛
ڪيترن ئي دور وارن کي ويجهو،
۽ ڌارين کي مون لاءِ پنهنجو بڻايو آهي!

هي ٻڌو! اِن هوندي به
مونکي اِهو الڪو هو،
ته جڏهن پنهنجو پراڻو گهر ڇڏي،
آءٌ ڪنهنجي نئين گهر ايندس؛
تڏهن اُتي منهنجو ڪير هوندو؟
آءٌ اِها ڳالهه ته ٻڌي ڀلجي ئي ويو هوس،
ته منهنجو چرچالڪ تون،
ته اُتي هوندين ئي!

هاڻ منهنجي من مان،
اَن اگياٽ-جڳت جو ڀؤ مٽجي ويو آهي؛
جيون-مرڻ، هي لوڪ توڙي پرلوڪ،
جتي به تون مونکي وٺي ويندين؛
اُتي جنم-جنمانترن کان قائم،
تنهنجو سنگ ته هوندم ئي!

[۹]

پرڀو! پنهنجي پريم سان،
تون جنهنکي ڏنيءَ ٻڌائين ٿو؛
سو سڀ ڀڄ أي پاڻ کي پائي ٿو!
ڀوءِ دک-شوک، نندا-برائيءَ جي گهري ڀيڙا سان ٻه،
انجو چت، لڏي-ٻڏي نٿو؛
نکي سنسار جي ڀاري بوجي كارڻ،
سندس ساهس ٽٽي ٿو!
انجي هري اندر،
نت ديا جي واڻي گونجندي رهي ٿي؛
سندس ڌيرج قائم رهي ٿو؛
ڇو ته هو، هر ڪنهن ۾، ۽ هر جاءِ توکي ئي ڏسي ٿو!
جنهنکري هنجي جيون-ڌارا،
روڪاوٽن سان گهيريل نٿي رهي
۽ سندس درشٽي، اندڪار جي هن پر وڃيو رسي!

ڀرپو! بادلن مٿان بادل ڇانئجي ويا؛
انڌيرو ٿي آيو؛
اهڙي سمي، مون اڪيلي کي،
پنهنجي در ٻاهران اوسيڙي ۾ ڇو وهاريو اٿئي؟
ڏينهن جو ته آءٌ ڀن ڀن ڪمن،
۽ طرح طرح جي آدمين سان مگهن رهيس؛
پر هاڻ انڌيري سنڌيا ۾، مان هت هيڪلو،
نجو تنهنجي درشن جي آس ڌري ويٺو آهيان؛
جيڪڏهن تو هاڻ پنهنجو مک نه پسايو،
ته پوءِ منهنجي هٺڙي وياڪل ٻڻائيندڙ راتڙي،
ڪيئن ڪٽبي؟
آءٌ دور گهري نيري آڪاش کي،
يڪ ٽڪ ڏسي رهيو آهيان؛
منهنجو اُداس من،
هوا ۾ اُڏرندڙ بادلن سان گڏ، ڦري رهيو آهي!
هي منهنجا پراڻ سکا!
ڏي، منهنجي پڪار جي موٽ ڏي!
اڄ هن ورکا جي ڏينهن،
منهنجين اکڙين مان ننڊ موڪلائي وئي آهي؛
آءٌ تنهنجي لئي اوسيڙي ۾ ويٺو آهيان؛
ناٿ! هاڻ وڌيڪ ٻاهر نه ترسائيندم؛
کول، دوار کول!

[11]

پر پو! تنهنجي اوسيئڙي ۾ جڳندي،
منهنجا نيڻ ٿڪجي پيا؛
توسان ملڻ نه ٿيو؛
تنهن به مان تنهنجي راهه ڏسي رهيو آهيان؛
اِها راهه ڏسڻ به، مونکي پريه لڳي ٿي!

تنهنجي در ٻاهران ويٺو منهنجو ڀڪاري مَن،
تنهنجيءَ ديا جو ابلاکي ٻٽيو آهي؛
تنهنجي ديا نه ملي؛
منهنجي منوڪامنا ترپت نه ٿي،
اِها اترپت آس به، مونکي پريه لڳي ٿي!

منهنجي هردي جي پياسي ڌرتي،
نت اِهو ئي پريم-ورلاپ ڪري رهي آهي:
”هاءِ! توسان ملڻ نه ٿيو؛
نجو پيڙا ئي منهنجي ڀاڳه ۾ آئي“
اِها ويدنا به، مونکي پريه لڳي ٿي!

[۱۴]

پرڀو! توُن منهنجين اکڙين جي سامهون ٿي بيهه؛
جيئن تنهنجي نهار منهنجي گيتن کي سپرش ڪري،
انهن کي شعلو ٻاٽائي ڇڏي!
توُن تارن جي وچ ۾ اچي بيهه؛
جيئن انهن جي روشنيءَ ۾، آءٌ پنهنجي آراڌنا جي
جوتي محسوس ڪريان!
توُن ڌرتيءَ جي سائي ٻڪ مٿان اچي بيهه؛
جيئن ان ڦهليل گاهه کي،
آءٌ پنهنجو ئي ڏنڊوت پايان!
توُن منهنجي اڪيلي شام ۾ اچي بيهه؛
جيئن منهنجي ويڳاڻي دل، تنهنجو ٽسوڪي ئي
تڪيندي رهي!
پرڀو، توُن منهنجي جيون جو خالي پيالو،
ان ريت ڀري ڇڏ؛
جيئن تنهنجي پيار جو،
مان پاڻ ۾ انڀو ڪريان!

[۱۳]

پرپيو! تنهنجي ڪوچ ۾، مان ٽڪل-آسي اکڙين سان،
تنهنجي مارڳ ڏان پيٽ ڪندو رهان ٿو؛
هي نرموهي! تون منهنجي سامهون هٽي،
اوٽ ۾ ٿي بيٺو آهين؛
تنهنجي ان ڇپڻ جو رهسيه مون سمجهيو آهي!
اِن ريت تون مونکي،
نربل بڻائيندڙ واسنائن جي مايا-جار کان بچائي،
پنهنجي پورڻ ملڻ لائق بڻائي رهيو آهين؛
تنهنجي اِن اپار ديا جو ڀيد،
پرپيو، مان پوريءَ طرح ڄاڻي ويو آهيان!

[١٦]

پريو! مون کان مک نہ موٽ

مک نہ موٽ!

جيستائين تون منهنجي اوڏو ئي هئين،

پر آءٌ توکي سڃاڻي نہ سگهيس؛

مان توکي ڪنهن ٻئي طرف ئي ڳولهي رهيو هوس؛

هاڻي تون منهنجي هردي ۾ ئي رهہ؛

۽ انکي پنهنجي مٺڙ مرڪ سان ڀر!

پريو! منهنجو سارو گيان ڀرم آهي؛

منهنجو ڪلط-رودن بہ سڀ وهم آهي؛

تون منهنجي سنمک اچ؛

منهنجي سرير کي سپرش ڪر؛

پنهنجو هٿڙو وڌائي مونکي اونچو اُٿار!

[١٥]

پرڀو! اڄ آڌي رات جو،
جي تون سگهين هٿين منهنجي گهر ايندين،
ته ڇا آءٌ انجو فڪر ڪريان؟
مان ڄاڻان ٿو، هي منهنجا ٻندؤ!
اِهي تنهنجا هٿ ئي آهن،
جن مان سدا پائيندي،
مون ڇاهڻ-پائڻ جي دڳه ئي،
پنهنجا ڏينهن، مزي سان گذاريا آهن!
تنهنجو سپرش منهنجي هردي کي،
آنندت ڪندو رهي ٿو!
پر جيون جي جهولي ئي لڏندي،
آءٌ اِها ڳالهه وساري ويٺو هوس!
هاڻي انجي سمرتي ايندي، مان چاهيان ٿو،
ته آءٌ پاڻکي تنهنجي اوڏو آڻيان؛
تون مونکي پاڻ طرف ڇڪي وٺج!

هي پريو! ساري جڳت ۾ ڦهليل ٻهنجو آسڻ،
ٽون آٽي مڻهنجي هردي ۾ پٿار!
ڏينهن جو سورج، رات جا ٽارا؛
انڌڪار ۽ پرڪاش جي ساري شويا؛
پرٿوي ۽ آڪاش وچ گونجندڙ ٻهنجي واٽي؛
مڻهنجي هردي منجهه پڙ؛
۽ ٻهنجي مڌر ڇهاڳ سان،
مڻهنجن پراٽن کي سپرش ڪر!

پريو! هن جيون ۾ مان توکي ڏسي نه سگهيس،
اها ڳالهه منهنجي من ۾ چڀندي رهي ٿي؛
اهو ڏک سمهندي-جاڳندي، رات-ڏينهن،
مونکي بيچئن ڪندو رهي ٿو!

سنسار جي بازار ۾،
مون جيون جا ڪيترائي ڏينهن گذاريا آهن؛
منهنجا هٿ ڪئين ڀيرا ان-ڌن سان،
پوريءَ طرح ڀرجي به ويا؛
ليڪن ان مان مونکي ڇا پڙپيو؟
مان توکي ڏسي نه سگهيس،
اها ڳالهه منهنجي من ۾ چڀندي رهي ٿي!

آءٌ آلس وس،
جڏهن رستي جي ڪناري ويهي رهيس،
۽ وسرام ڪاڻ بسترو لڳائڻ جو يتن ڪيم؛
تنهن ويل ياد آئي:
"منهنجي هيءَ جيون-ياترا بي مطلب هئي،
مان توکي ڏسي نه سگهيس"،
اها ڳالهه وسري نٿي وسريم!

هي وشو جيون جا سوامي!
منهنجي اندر جو وڪاس ڪر؛
سندر هردي-ڪمل جون پنکڙيون کول؛
انکي نرمل بڻاءِ، سندر بڻاءِ هي سوامي!
منهنجي من کي جاڳرت ڪر، نربيہ ڪر؛
آلس-رهت ڪر، سنديهہ-رهت ڪر؛
منهنجي اندر جو وڪاس ڪر، هي جيون-ديوتا!

منهنجن سڀني ڪرمن ۾،
شل تنهنجو گيت سمايل رهي؛
منهنجو چت اِستر، آنند-مَيہ رهي؛
هي سندر! منهنجي اندر جو وڪاس ڪر؛
سندر هردي-ڪمل جون پنکڙيون کول!

[١٩]

هي پريو! منهنجي ايٽري وينتي سويڪار ڪر؛
هاڻي منهنجي هرديءَ ۾ رهه!

جيڪي ڏينهن توکان جدا گهاريم،
سي سڀ جڻ ڌوڙ ۾ ملي ويا؛
پنهنجي جيون-ڪليءَ جي وڪاس لاءِ،
آءٌ رات-ڏينهن تڙقي رهيو آهيان!
اِها آس ڪٽي، مان هٿ-هٿ ڀٽڪندو رهيس؛
پر ڪٿ به منهنجي اِڇا پوري نه ٿي؛
هاڻ تون منهنجي ڇاتيءَ تي پنهنجو ڪن رک؛
۽ دل اندر ڌڙڪندڙ، پنهنجو ئي آواز سڻ!

مونوت توکي جيڪو پاپ، ڇل-ول نظر اچي،
تنهن کي تون جلائي ڀسم ڪري ڇڏ!
بس، هڪ ڀيرو ئي سهين،
تون منهنجي وينتي سويڪار ڪر!

پريو! مان سر جو آسڻ،
ڍڳہ جي ڪناري وڇايان ٿو؛
تون اچي ان تي وسرام ڪج.

روز صبح جو، جڏهن تون گهاٽ جي هن پار کان،
سورج جي پرڪاش سان اڏيل نوڪا تي ويهي،
منهنجي آشاڪال جي گيتن جي دوار وٽ اچي
رسين ٿو؛

تڏهن اُهي پريالي پکيئڙن جيان،
تنهنجي سواگت ۾ ٽڻڪار ڪن ٿا!

اڄ سنجها جو ورئي، تون نئون ويس اوڍي آيو
آهين!
گهاٽن بادلن جي ڇايا، ٻن مٿان اچي ليٽي آهي؛
گگن جي نيرن نيڻن جون ڪنڊون،
جل سان تر آهن؛
۽ تون ڦهليل ميدان جي ڇيڙي وٽ،
ڌاڙيءَ جي درختن جي وچ ۾ اچي بيٺو آهين!
پريو! اُتين ئي بيٺو رهج؛
ترت الوپ ٿي نه وڃج!

[٢١]

پرڀو! پنهنجي آگنيءَ جي پارس سان،
ٽون منهنجن سمورن پراڻن کي سپرش ڪر!

جيئن تنهنجي وشو-مندر ۾،
نت اکنڊ جوت جلندي رهي ٿي،
تيئن منهنجن پراڻن کي پڻ،
سدا ٻرندي رهڻ جو وردان ڏي؛
انهن جي پرڪاش-مير ٽيڻ سان،
منهنجي اندر جو انڌيرو مٽجي ويندو؛
تڏهن ئي منهنجي هيءَ جيون-ياترا،
سڦل ٿجي سگهندي!

[٢٣]

هي ڳڻوان! تون ڪهڙو نه مڌر گيت ٿو ڳائين!
مان صرف مگڌ ٿڻجي سڻي رهيو آهيان؛
تنهنجي ڳائڻ جو پرڪاش، جڳ جـي ڪڻ ڪڻ ۾
سمايل آهي؛

تنهنجن سرن جي گنگا، شلائن کي چيريندي،
تيزيءَ سان وهي رهي آهي؛
منهنجي اِڇا ٻڻي آهي ته انهن سرن ۾،
مان پنهنجو سر به ملايان؛

ليڪن منهنجي ڪنٺ جو سر،
تنهنجن سرن کي پڪڙي سگهي ٿي ڪين!
منهنجي چوگرد سرن جو جار ڦهليل آهي؛
ٿو مونکي اُن پختي، اڻ ٽٽندڙ جار ۾،
پوريءَ طرح جڪڙي رکيو آهي!

پرڀو! تون نت نون نون روپن سان،
اچي منهنجن پراڻن ۾ سمائج!
وايوءَ ۾ آءُ، جل ۾ آءُ؛
مهڪ ۾ آءُ، ورڻ ۾ آءُ؛
سرير ۾ رومانچڪ سپرش بڻجي آءُ،
چت ۾ اَکنڊ خوشيءَ جي ڌارا بڻجي آءُ؛
تون نت نون نون روپن سان،
اچي منهنجن پراڻن ۾ سمائج!

هي نرمل، هي اوجل، هي منوهر آءُ؛
هي سندر، هي سڳنڌي، هي پرشانت آءُ؛
دک-سک ۾ آءُ؛
نت نيمي ڪرت ۾ آءُ؛
سڀني ڪرمن جو مُول اُديش بڻجي آءُ؛
تون نت نون نون روپن سان،
اچي منهنجن پراڻن ۾ سمائج!

[٢٦]

پريو! تنهنجيءَ ويڻا ۾ ڪيئين تارون آهن؛
آگيا ڏيئم ته پنهنجي هڪ تار به انهن سان گڏي ڇيڙيان!
پوءِ جڏهن ويل تنهنجون آڱريون،
ويڻا جي تارن تي نچنديون-ڦرنديون؛
تڏهن ويل منهنجي جيون جي تار مان نڪتل سُر،
تنهنجن سيني سرن سان ملي ويندو!

پريو! تنهنجي اڻ ڳڻت تارن سان،
مان پنهنجو ننڍڙو ڏيئو به گڏي رکان،
اِها آگيا ڏيئم!
پوءِ روشنيءَ جي اُتسو ۾،
جڏهن جڳ-مڳ جو ناچ ٿيندو؛
تڏهن منهنجي دل به ٽپا ڏيندي؛
۽ منهنجي خوشي تنهنجيءَ مسرڪ سان ملي هڪ
ٿي ويندي!

[٢٥]

منهنجي سانت ويڙا ڪٽي وڃ؛
پريو! ڪٽي وڃ!
پنهنجي نعدن بن مان سر آڻي،
اُن اندر سماءِ!
ٻاري ڏک کان وياڪل منهنجو هردو،
توکي پيو پڪاري؛
پنهنجي مڌر سپرش سان، هي پريو،
تون انجي ساري ڪنورتا نورت ڪر!
منهنجي نيرس چت جي هيءَ ويران ٻومي،
پنهنجي اُلت ڪارڻ، اسهڻ ٻڻي آهي؛
تون اُن مٿان پنهنجو رس-ميه آنچل ڦهلائي،
ٻڪي چڙ، ٻڪي چڙ؛ هي پريو!

پر پيو! تون منهنجن گيتن جي هن پار بيٺو آهين؛
منهنجا سر تنهنجن چرڻن کي نہ سپرش ڪن ٿا،
پر هاءِ! آءٌ توکي پسي سگهان ئي ڪين ٿو!
سنجها جي مٿي هير پيئي گهلي؛
هاڻ تون پنهنجي نؤڪا، هُن ڪناري ٻڌي نہ رک؛
اچ، هِن پار منهنجي سنمک اچ؛
تو سان گيتن جو کيل، دُور جو کيل آهي!
منهنجي ٻانسري، سارو سمو،
ويدنا جي سر ۾ وڄندي رهي ٿي؛
سانت راتڙيءَ جي گهري انڌڪار ۾،
ڪڏهن تون پاڻ اچي،
انکي مڌر سر ۾ وڄائيندين؟

[۲۷]

ڀر ڀرو! جت تنهنجن سرن جي ڌارا وهي ٿي،
ان جي ڪناري لڳ مونکي نواس ملندو؟
تنهنجن سرن جي الوڪ ڌني،
آءٌ ڪنن سان سڻندس؛
اُنجي لئه ٿي مان،
پنهنجي دل جي ويڻا جون تارون تال ۾ ٺاهيندس؛
جڏهن منهنجي ايڪانت جا پل،
ڦولن ۾ سمايل ماڪيءَ سمان، ڀرجي ويندا!
جڏهن پرٿوي پورڻ انڌڪار سان ڍڪجي ويندي؛
جڏهن منهنجي هردي آڪاش ٿي،
گيتن جا تارا جهنڊن جا جُهنڊ نڪري نروار ٿيندا!

[٣٠]

ڀرڀو! گائڪ بڻجي تنهنجي سيوا ڪرڻ جو ڀار،
مون مٿان اچي پيو آهي!

مون پنهنجن سرن ۾،
تنهنجا بسنتي قول پورا آهن؛
وڻن جي پنن جي سَر سَر ڪي،
مون سُرن ۾ سمايو آهي؛
انهن سُرن ۾،
لهه لهائيندڙ ڪيتن جي تان ڀريل آهي؛
سانت راتڙيءَ ۾،
مون پنهنجن گيتن جي گونج ڦهلائي آهي.
منهنجا پــريں! جنهن ويل تون منهنجي گهر پيهي
اَچين،
تنهن ويل شل! منهنجو گيت خاموش ٿي نه وڃي؛
اُهو تنهنجي آجيان ۾ ڪلي،
وڃدو ئي رهي!

پريو! مان هت نجو تنهنجا گيت ڳائڻ ڪاڻ آيو آهيان؛
پنهنجي وشو-سڀا ۾، تون مونکي ڳائڻ جي آگيا ڏي!
آءٌ تنهنجي سنسار جي بيشمار ڪمن لائق نه آهيان؛
منهنجا پراڻ سارو سمو،
رڳو تنهنجن گيتن جي تان تي وجندا رهن ٿا!
هاڻ سنجها جي سانت ويلا آهي؛
مندر ۾ تنهنجي آرتي ٿي رهي آهي؛
اهڙي سمي سوامي، تون مونکي ڳائڻ جي اجازت ڏي!
پربات جو جنهن ويل، اُشا جي ويڻا وڄي اُٿي،
تڏهن مان ٻه، تنهنجي دربار ۾ گيت ڳائي سگهان،
ايتري ڪرپا آءٌ توکان گهران ٿو؛
پريو! پنهنجي وشو-سڀا ۾، تون مونکي ڳائڻ جي آگيا ڏي!

[٣٢]

پريو! تنھنجو سر منھنجي مک تي، ھردي مٿان،
ساوڻي جل-ڌارا سمان جھر جھر وسندو رھي!
پورب جي پرڪاش جيان،
اھو پرات ڪال جو منھنجن نيڻن کي ڇھي!
رجنيءَ جي موُن-ڌارا وانگر،
اھو منھنجي سانس پراڻن کي ڇھي!
رات-ڏينھن، منھنجي جيون جي سکن-دکن تي،
اھو ساوڻي جل-ڌارا سمان،
جھر جھر وسندو رھي!
جو ڪجھه منھنجو پراڻو آھي، پراڻ-ھيڻ آھي،
انجي انگ کي، تنھنجي سر-ڌاتي سپرش ڪري،
نئون ۽ جيون-داتي بڻائي!

سوامي! منهنجي گيت، پنهنجا سڀ ڳهڻا اُلاري
ڇڏيا آهن؛
تو اڳيان، ان پوشڻن جي اهميت جو اهنڪار به نه
رکيو آهي؛
ڇو ته اُهو هار-سينگار، تنهنجي ۽ منهنجي پورڻ
ميلاپ جي وچ ۾،
اڏ بڻجيو پوي؛
انهن النڪارن جي جهڻ-جهڻاهٽ ۾،
تنهنجن گيتن جي ڌني کوهجيو وڃي!
هي مهاڪوي! تون منهنجي جيون کي،
بانسريءَ جيان سرل بڻاءِ؛
ان بانسريءَ جي سيڌي ڇيدن ۾؛
تون پنهنجن گيت جا سر سمائي ڇڏ!

درشنُ

پرينءَ!
جيئن ٿي تنهنجي ويڻا وڄي ٿي،
تيئن ٿي انڌاري آڪاش ۾ تارا ڪڙڻ ٿا!
اِن پرڪار جڏهن اُها منهنجن پراڻن ۾ گونجي،
تڏهن منهنجي اندڪار ڀري هردي ۾ پڻ،
هڪ نئين سرشٽي جڳمڳائي!
تڏهن ساعت تنهنجي تصوير،
جيڪا منهنجي من جي پردي تي چٽجي ويندي،
سا پسي، منهنجي وسمي جي حد نه رهندي!
ان بعد منهنجي جيون مٿان،
تنهنجي پرسن ڪل پيٺي پرندي؛
اُهو آنند-امرت پائي،
آءٌ سدا لاءِ ڌنيه بڻجي ويندس!

[١]

مدت کان منهنجي گهر مهمان ڪونه آيو هو؛
منهنجي دل تي تالا هئا؛
دريون بند هيون؛
مون من ۾ پئي ويچاريو:
منهنجي رات اڪيلي ڪيئن ڪٽبي؟

پر جڏهن اکيون کولي ڏٺم،
ته اونده بلڪل گم ٿي وئي هئي!
تڏهن مان يڪدم اُٿي کڙو ٿيس؛
ٻاهر ڊوڙي وڃي ڏٺم ته،
منهنجي در جا ڪڙا ٽٽا پيا هئا؛
۽ اُن جي کليل ٿاڪن مان،
تنهنجي روشني ۽ هوا،
پنهنجون جهنڊيون ڦڙڪائي رهيون هيون!

اِئين جڏهن مان پنهنجي ئي گهر ۾ بند هيس،
تڏهن تنهنجي ان الوڪڪ درشن کان وانجهيل رهيس!

[٣]

ڪڏهن ٿي ڄاتو نه تون،
هيڻءَ ٻيا اطلاح جي اچي سهڙندين؟
هاڻ مان دل ۾ پيو چوان:
الا! تنهنجي پڌارڻ لاءِ،
مون دڳ جي ڌوڙ ڪئي،
پنهنجن نيڻن جي جل سان، اوجل ٻهائي ڇونه ڇڏيو!
ٻنڌو، مان ڪيترو نه ڀاڳيه-هيڻ آهيان،
جو آلس وس، مان پنهنجي ئي گهر جي ڇانوَ ۾ ويٺو رهيس؛

۽ لوڪي ڌڌڙ ڀري راهه تان،
اڄهاڳه پيد لتاڙي پاڻ تائين اچڻ ڏنم!
ان لاءِ لوڪي وڪ وڪ تي جيڪا تڪليف ٿي هوندي،
اُها ويدنا ٻڌجي، هر هر منهنجي ڇاتيءَ ۾ پيٺي هري؛
هاءِ! تنهنجي چرڻن جي ڪشت،
منهنجي نادان هردي کي دکي ٻهائي ڇڏيو آهي!

[٢]

پريتم! جڏهن تون آئين،
تڏهن آڪاش ۾ اڃا چنڊ ڪونه اُڀريو هو؛
جيتوڻيڪ منهنجن پراڻن،
تنهنجي سپرش سان اهو محسوس ڪيو؛
پر پوءِ به مان اُٿيس ڪين!

ليڪن تون جڏهن اڄ هليو وئين،
تڏهن وقت راتڙيءَ جي گود،
پورڻ چندرما سان ڀريل هئي؛
انهيءَ مڌر پرڪاش جي اکين تي پوندي،
جڏهن مونکي جاڳ ٿي،
ته ڏٺم تنهنجي جيه-مالا منهنجي ڀر ۾ پيئي هئي!
ان مان سمجهيم ته تون پنهنجو ڪنٺ-هار،
مون لاءِ ئي ڇڏي ويو آهين!

[۵]

ناٿ! جي هاڻي تون منهنجي گهر وٽ پڌاريو آهين،
ته ڪرپا ڪري موٽي نه وڃج!

اڄ ساوڻي بادل، گجگوڙ ڪري وسي رهيا آهن؛
۽ کنوڻ جي ڀيانڪ ڪڙڪات سان،
منهنجين اکڙين مان ننڊ اُڏري وئي آهي؛
هاڻ ورشا جي جل-ڌارا سان سر ملائي،
گيت ڳائڻ جي اِڇا ٿي اٿم!

منهنجن آنسن جا ڪڻ، آڪاش جي انڌڪار ۾،
تنهنجي کوج ڪري رهيا آهن؛
اي ناٿ! موٽي ڪرپا ڪر؛
منهنجي گهر ئي رهج؛
موٽي نه وڃج؛ موٽي نه وڃج!

تون هتي پنهنجي اونچي آسڻ تي ويٺو هئين؛
۽ مان هت ويهي، پنهنجا گيت ڳائي رهيو هوس!
جڏهن منهنجن گيتن جي سٽهي، اڻلکي سر-ڌني،
تنهنجن ڪنن تائين پهتي،
تہ تون هيٺ لهي، منهنجي گهر جـي دوار ٻاهران
اچي بيهي رهئين!
اِئين تہ وشو جي دربار ۾، اڻڳڻيا ڳڻي ڳايڪ آهن؛
ليڪن مون ڳڻي-هيڻ جي گيتن ئي،
تنهنجي پريم کي جاڳايو آهي!
اُن ساڻ پرسن ٿي،
تون وَر-مالها کڻي هيٺ لهي آئين؛
۽ اُها مونکي پهرائڻ لاءِ،
تون منهنجي گهر جي دوار ٻاهران اچي بيهي رهئين!

"مونکي ڏيڻ کان، تو جيڪي آندو آهي، ڏيئم ٻلا!"
کهڙو نه وچتر درشيه هو!
ماڻ کا مهل نه اچرج ۽ آنند وچان،
مگد ٿي، توکي ڏسندو رهيس؛
پوءِ پنهنجي جهوليءَ مان، جانورن جو هڪ ننڍو داڻو
چونڊي،

تنهنجيءَ کليل ترِيءَ تي ڌريم!
پر منهنجي عجب جي حد ئي نه رهي،
جڏهن سڀ لٿي، مون گهر اچي پنهنجي جهولي
خالي ڪئي؛

تڏهن ڏٺم ته ان ۾ پيل جانور-ڪڻن ۾
هڪ ڪڻو سونو به هو!
مان روئڻ لڳس:
بيحد رنم: "الا! جو ڪجهه، منهنجي جهوليءَ ۾ هو،
سو سڀ توکي ڇونه ڏنم!"

[٦]

آءٌ ڳوٺ جي در در تان ڀِکيا پني رهيو هوس؛
تڏهن ويل تنهنجو سونو رٿ، دور کان ايندو ڏٺم؛
مون ڀانيو: ڪوئي سندر سپنو پيو لهان!
منهنجي وسمي جي حد نه هئي!
راجائن جي راجا کي ايندو پسي،
منهنجن آشائن مٿي کنيو؛
سمجهيم: شايد منهنجي دُرڀاڳيه جون گهڙيون، سماپت ٿيڻ تي آهن!

مان اُتي ئي دڳ پاسيرو ويهي سوچڻ لڳس:
"ڪڏهن راجا جا هٿ، ڀڪارين جي جهولين ڀرڻ لاءِ ڪڇندا؟
ڪڏهن رٿ مان سون جون مهرون هيٺ ڪرنديون؟"
ايتري ۾ رٿ، اچانڪ اُتي اچي روڪجي ويو،
جتي مان ويٺو هوس!

تنهنجا نيڻ منهنجن سان مليا؛
تون مرڪندو، رٿ تان هيٺ لٿين!
مون سوچيو: منهنجو ڀاڳيه-سورج هاڻ اُڀرڻ وارو ئي آهي!

تڏهن تو اچانڪ منهنجي اوڏو اچي،
پنهنجو ساڄو هٿ مون طرف وڌائي چيو:

[٨]

پريو! تو جڏهن مونکي گيت ڳائڻ لاءِ چيو،
تڏهن فخر وچان منهنجي ڇاتي ڦولجي وئي؛
منهنجيون اکيون آنسن سان ڀرجي آيون؛
۽ مان يڪ ٽڪ تنهنجي مک ڏانهن ڏسندو رهيس!

منهنجي جيون ۾ جيتري ڪٺ، ڪننتا ۽ ڪڻ-ٻڌگرتا
هئي،
سا سڀ ڍري ڍري، گيت-سڌا ۾ بدلجي وئي!
منهنجيون سڀ ساڌنائون، آراڌنائون،
پکين وانگر پنک ڦڙڪائي، اڏڻ جي ڪامنا ڪرڻ لڳيون!

منهنجي گيت جي راڳڻي، توکي مٺر لڳي ٿي،
اَٿي پريه لڳي ٿي،
مان اِهو ڄاڻان ٿو؛
انهن گيتن جي ٻل تي ئي،
مان تنهنجي سامهون اچڻ جو ساهس ڪري سگهان ٿو!
رڳو پنهنجن گيتن جي پرن سان ئي،
مان تنهنجن چرڻن جو سپرش ڪري سگهان ٿو!
پريو، ڳائڻ جي نشي ۾ مان پاڻکي بنهه ڀلجي وڃان ٿو؛
۽ توکي مٺر چئي پيو پڪاريان!

[٧]

ڇايادار وڻ جي پڙ ۾ ويٺو، آءٌ هُن پڙ،
پاڙيسرين جي ڦلوارين کي ٽڪيندو رهيس،
جيڪي سورج جي پرڪاش ۾ ٻهڪي رهيون هيون؛
تنهن ويل آءٌ پاڻکي نهايت ئي مسڪين سمجهڻ
لڳس!

پنهنجي هيڪاندي ڏڻ مان،
ٻين مونکي جيترو ٿي ڏنو،
اُهو وٺندو، آءٌ پنهنجو ڪشڪول ڀريندو ٿي ويس!
تڏهن هڪڙي صبح جو تو اچي، منهنجو در کڙڪايو؛
منهنجي ننڊ کلي پيئي؛
ٻاهر نڪري ڏٺم، ته تون مونکان ڀيک گهري رهيو
آهين!

مون نراس ٿي، پنهنجي دل جي ٻجوڙي کولي؛
۽ ان ۾ جمع ٿيل پنهنجي موڙي پسي،
مونکي عبرت وٺي وئي!

آڌيءَ جو جڏهن ويل منهنجي دوار جا ڪڙا ٽٽي پيا،
تڏهن مونکي اِها ڪل ئي ڪانه پيئي،
ته تون ڪو منهنجي گهر پڌاريو آهين!
ان مهل تيز هوا هلي رهي هئي؛
جنهن ڪارڻ منهنجو ڏيئو گل ٿي ويو هو؛
۽ چوڌر گهور انڌيرو ڇانيل هو!
مون سمجهو آءٌ ڪوئي سپنو ڏسي رهيو آهيان!
پر اُشا ٿيندي، اکيون پٽي ڏسان ته مار!
منهنجي گهر پرڻ واري هيڪلائي ۾ سيج وڇم،
تون ڪڙو آهين!

[٩]

اڄ سنسان رات ۾،
سپني جي نظر چورائي،
تون منهنجي گهر پڌاريو آهين!
هن ويل سدا جاڳرت نيلي آڪاش جو مک به،
سانوڻي بادلن جي چادر سان ڍڪيل آهي؛
بن-پربت ۾ ڪا گونج ڪانه ٿي سُڻجي؛
سڀني گهرن جا دوار بند آهن؛
هن شانت ويلا ۾،
تون سندم دوار کولي آيو آهين؛
هيٺن منهنجي سنمک اچي،
تون راتڙيءَ جي سپني جيان الوپ ٿي نه وڃج!

[۱۲]

مون سان ملڻ لاءِ تون،
نڄاڻان ڪيترن يگن کان،
هلندو پيو اچين؛
هلندو پيو اچين!

پرڀات توڙي سنڌيا سمي،
مون تنهنجن چرڻن جي آهٽ،
نت پئي سڻي آهي؛
پئي سڻي آهي!

تنهنجا گپت-دوت، وايو ۽ پرڪاش،
منهنجي روزاني جيون ۾،
تنهنجو سنديش آڻين ٿا؛
سنديش آڻين ٿا!

تنهنجي مڌر سپرش سان،
منهنجي هردي ۾ سارو سمو،
آنند جون لهرون اٿن ٿيون؛
لهرون اٿن ٿيون!

ڏون منهنجي گهر پڌاريو آهين،
اِهو سماچار ساري سنسار ۾ ڦهلجي ويو آهي!
نہ تہ گلن ۾ هي رنگ ڪيئن پلٽيو آهي؟
گگن ۾ هي گيت ڇو پيو گونجي؟

دک کي سک جي ويدنا سان ڀري،
تو مون کي ساڌنا جي سوکڙي سؤنپي آهي؛
منهنجي هر پيڙا تي چرڻ ڌريندو،
تون پنهنجو سُر گڏگڏائيندو آيو آهين!
پريتم، نت آئين، جيءُ آئين!

[۱۴]

سنسار کان سپن-لوڪ جي چابي کوھجي وئي آھي؛
چاھڻ-پاڻ جي ھردي اندر،
اڙپٽيءَ جو قول ٿڙي ٿو؛
انجي دشا-ھيڻ سڳنڌ سان،
ڌرتي-آڪاش ٽر رھن ٿا!
مون سپنن پار جو سڏ سڻيو آھي؛
انڪري سڄاڳ ٿي سوچيان پيو:
ڪنھن ان سندر جڳت جي چابي لڪائي آھي؟
اندران جواب اچيم ٿو:
جو جيئو منھنجي پراڻن جي گھري پاتال ۾ وسي ٿو؛
ان ئي سپن-لوڪ جي چابي، پاڻوت لڪائي آھي!

[١٣]

تنهنجو اُهو مٺڙ مک،

منهنجي من ۾ نت جاڳندو رهي ٿو!

جاڳرت ۾، سپني ۾؛

هاڻي آءٌ اُهو جيون ڀر نه ڀلجندس!

تون سدا منهنجي هردي ۾ براجمان آهين؛

اِنڪري منهنجي اندر ۾ سارو سمو،

سُريلي بانسري وڄندي رهي ٿي!

پر ڪوئي اِهو رهسيه سمجهي نه سمجهي؛

مان اِها وارتا، سڀ اڳيان پرگهٽ ڪري نٿو سگهان!

ڪاٿر درشٽيءَ سان،

مان ٿي رڳو، پنهنجي من ۾ چپيل،

تنهنجو سندر مکڙو پسندو رهان ٿو!

[١٦]

منهنجو من چاهي ٿو تہ مان توکي ڪجهہ آڇيان؛
پر ڪٿي توکي ڪنهن چيز جي لوڙ نہ هجي!

جڏهن تون انڌڪار ۾ اڪيلو گهمي رهيو هئين؛
تڏهن سندم اِڇا ٿي، تہ مان تنهنجي لاءِ هڪ ڏيپ
جلايان؛
پر ڪٿي توکي روشنيءَ جي لوڙ نہ هجي!

مون ڏٺو تہ سنساري آدمي، توکي ڪيترائي حرف پڙهي
رهيا هئا؛
پوءِ بہ تنهنجي ويڻا مڌر سر ۾ وڄي رهي هئي؛
تنهنجي اِها اپار ديا ڏسي، منهنجي دل ٿي،
تہ مان تنهنجي گلي ۾ ڦول-مالها پايان؛
پر ڪٿي توکي ان ڌنيواد جي لوڙ نہ هجي!

[١٥]

ڀريو! اڄ پنهنجو ساڄو هٿ لڪائي نه رکجِ؛
مان توکي رکڙي ٻڌڻ آيو آهيان!

توسان اِهو ناتو جوڙڻ بعد،
منهنجو سيني سان ازخود رشتو جڙي ويندو!

شل اِئين ٿئي جو مون لاءِ،
پنهنجي-پرائي ۾ ڪو ڀيد نه رهي!

هر ڪنهن ۾ آءٌ توکي ڏسان،
بس، اِهائي منهنجي ڪامنا آهي!؛

پرڀات پبليڪيشن جي ستين پستڪ
”جيه بدري وشال!“ بابت ڪي رايا

● لڳ ڀڳ ۵۳-۵۴ سال اڳي، ڪاليج جي عمر ۾ تمنا ڪئي هئم، ته ڪنهن ڏينهن هماليه جي تپ-ڀوميءَ جو رُخ ڪندس. ڀڳوان جي نچيل پرڪرتيءَ جي سندرتا جو ساڪيات درشن ڪندس. اها تمنا دل ۾ ئي اڌوري رهجي ويئي آهي. لڳي ٿو ٻئي جنم ۾ دل پوري ٿيندي!

حال، ڪلپنا جا پنکہ لڳائي، ”جيه بدري وشال“ پڙهندي، ياترا ڪري موٽيو آهيان. ورنن ايترو سٺو ڪيو اٿو جي ڪٿي به منجهيس ڪونه! ساڌن-مهاتمائن سان وارتالاپ، تپ تپ تسي پراڻن ۽ شاسترن جي حوالن، ياترا کي نه صرف روچڪ بڻايو آهي، پر گيان لاڀ به ٿيو آهي. صبوح کان شام تائين ياترا جو آنند پائي ڌنيه ٿيو آهيان!

راڌاڪرشن گرناڻي

بدري ناٿ جو تہ ڪڏهن به درشن نه ڪيو اٿم، پر مان هردوار يا رشي ڪيش ڏانهن به ڪونه ويو سگهيو آهيان. ليڪن ”جيه بدري وشال“ پڙهي، مان ائين محسوس ڪري رهيو آهيان تہ هڪ سٺي ساٿيءَ جي سنگ ۾، مان بدري مهان تيرٿ جي ياترا تان تازو موٽيو آهيان. جدا جدا جڳهين بابت لوڪ ڪهاڻيون يا ديو ڪٿائون، آننددايڪ آهن

تنھنجو سنگ پائي، ھي سندر پريو،
منھنجو ھي جيون سارٿڪ بڻيو!

تنھنجو الوڪ اُجالو پسي،
منھنجا نيتر مگڌ ٿي ويا!

تنھنجي پرڪاش جي سپرش سان،
منھنجو چت چانديءَ جيان چمڪڻ لڳو!

ان ريت تو مونکي،
اندر ئي اندر نئون بڻائي ڇڏيو!

ھاڻي تنھنجي ميلاپ جو امرت،
منھنجي پراڻن ۾ پيو رمي!

او سندر پريو! ائين ئي جنم جنم ۾،
تون منھنجي گھٽ اندر اچي واسو ڪج!

● "جيه بدري وشال" جي آنندميه ياترا جو ورتانت اهڙي ته سٺي، من موهيندڙ انداز ۾ ڪيو آهي، جو هڪوار ڪو ناسٽڪ به، پڙهندو ته پڪ چئي، جيڪر چئي ڏئي ته مون کي هيءَ تيرٿ ياترا ضرور ڪرڻي آهي.

جهمون چڳاڻي

● "جيه بدري وشال" ڪتاب ۾ بدري ناٿ جي ياترا جو ورنن، توهان نهايت ئي دلچسپ ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾، الهاسڪ پس منظر ۾ ڪيو آهي، تنهن لاءِ مبارڪون. ڪتاب بدا ياترا جي، ياترا جو مزو ونائي ٿو. هيءَ ڪتاب بدري ناٿ جي ياترا ڪرڻ لاءِ ياترين کي ضرور همٿائيندو!

منوهر نهالاڻي

● "جيه بدري وشال" پڙهيل آهي. سڄي ياترا مون ۽ منهنجي گهرواريءَ ورائي پڙهي آهي ۽ لڳو ته اسين پڻ توهان سان گڏ گڏ، ان ياترا ۾ همراه آهيون!

لڇمڻ "ڪومل"

● اوهان جي سوکڙي "جيه بدري وشال!" آنندميه ياترا، دل کي آنند ڏيئي ڇڏيو؛ آنند ۾ مخمور ڪري ڇڏيو. ياءُ اوهان جي ان عنايت، ان مهربانيءَ جو ڪهڙو بيان ڪيان ۽ لکان، سي لفظ سي شبد، مون وٽ ڪين آهن!

ڀيرو "بيوطن"

● "جيه بدري وشال" گهر ويٺي، آنندميه ياترا ڪرڻ جو نوٽو مليو آهي. سهڻي تحفي لاءِ ۽ ياد لاءِ

۽ نظارن جا بيان ـ، چترڪارن جي چترن کان گهٽ ناهن!

هري دلگير

● اوهانجي سک پري ناياب سوکڙي "جيءَ ڀري وشال!" پهتي. يادگيريءَ لاءِ مهربانـي. پرياٽ پبليڪيشن ذريعي اوهـان جيڪو اُدياتمڪ ساهتيہ ڏيئي رهيا آهيو، ان لاءِ اوهان کيرون لهڻيون!

واسديو "سمندو" پارڌي

● مان توهانجي جڳل جوڙي، ڦتن ۽ ايم. سچن، ٻنهي کي داد ٿو ڏيان، ۽ ڪيتري نہ جاکوڙ ڪري، هميشہ نوان نـوان وشيہ کڻي، توهان صاحب سنڌي اَدب جـي شيوا ڪري رهيا آهيو؟ اهڙو مثال ملڻ محال آهي! هيءُ ڪتاب پڙهي، گهر ويٺي ٻنهي ڀدري ناٿ ۽ ڌرمي آستانن جو درشن ڪيو اٿم ۽ هڪ اَلوڪڪ آنند ماڻيو اٿم. زندگيءَ جـي شام ۾، هن ڪتاب مڪتيءَ جو مارگ درشيايو آهي، جو هڻڻ بہ لازمي آهي!

موهن "اُداسي"

● توهان وٽان "جيءَ ڀري وشال" (آنندميہ ياترا) هڪ پوري پسڪ پهتل آهي. توهانجي لکڻ جي قوت دن ٻدن وڌندڙ آهي. ڀاشا جي رواني، سهڪ ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ اظهار بيشڪ داد لائق آهن. پنهنجن آزمودن ۽ اپار خوشين جو لطف ٻين سان ورنا وندڻو، ان لاءِ توهان ٻنهي جون لک لک مهربانيون! ايم. او. ڌلريجا

سنڌي لکڻ لاءِ ڪيرون لهڻو. هيءُ پستڪ انعام جو حقدار آهي. ڀاءُ ايشور آنچل لاءِ خاص واڌايون، جو هيءُ عالماڻو مهاڳ لکيو اٿس.

موتيلال بٽاڻي

● عرض ته اوهانجو سهڻو سفرنامو "جيءَ بدري وشال" (آنندمئي ياترا) پهتو- وڏي مهرباني. ڪتاب سمورو منهن ڪان وٺي پڇاڙيءَ تائين پڙهيو اٿم- ڏاڍو وڻيو. واه واه! اُها ڪا موج آئي آهي!

هن ڪان گهڻو اڳ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڪتاب "پشچمي ياترا" پڙهيو اٿم- ڏاڍو سهڻو لڳم. مگر اوهانجو ڪتاب به گهٽ دلڪش ڪونهي! منهنجي خيال موجب سنڌي ساهت ۾ سئر ۽ سفر تي ڪي ڳاڻ ڳڻيا ۽ مختصر ڪتاب شايع ٿيل آهن. ڪو شڪ ناهي ته ادب جي اِن شاخ تي اوهانجو سفرنامو هڪ اهم جڳهه والاريندو ۽ اُميد نه، بلڪ خاطري اٿم، ته قدردان ساهت پريمي اِن جو خير مقدم ڪندا.

آشا رنگواڻي

● اوهانجو موڪليل "جيءَ بدري وشال" پهتو. هڪ دفعو ته پڙهي پورو ڪيو اٿم. پستڪ اهڙو ته وڻندڙ آهي جو پڙهيو پيو پڙهندس!

چاندو ڪرپالاڻي

●

مهرباني!

ڊاڪٽر پريم

● اوهانجو "جيءِ بدري وشال" پهتو. پڙهي من ترپت ٿي ويو. آفرين!

لڇمڻ هردواڻي

● اوهانجو موڪليل ڪتاب، "جيءِ بدري وشال" مليو. گهر ويٺي ديوتائن جا درشن پيا ڪرايو، اهو اوهانجو احسان آهي. ڪتاب وري وري پڙهڻ جهڙو آهي.

گوبند پنجابي

● اوهان پنهنجي آنندميه پاترا جي آنند جو انس، مون ڏانهن پڻ موڪليو. مهرباني.

هريش واسواڻي

● "جيءِ بدري وشال" (آنندميه پاترا) ڌارمڪ، اتهاسڪ ۽ پوتر ساهتيڪ ڳٽڪو آهي. ٻه دفعا پڙهيم ۽ پڙهايم. مونهنجي سڄي گهر کي، گهر ويٺي تيرٿ ڪرايو اٿوَ ۽ اسان مان هر هڪ جي مک مان اهي آتمڪ- آنند ڏيندڙ شبد نڪريو ٿا وڃن، ته— "جيءِ بدري وشال! جيءِ پڀو!" ڌني، ڪيول توهان نه هنئي آهي، پر اسان ٻه، هت آمريڪا ۾ هنئي. وايو منڊل شڌ ٿي ويو! اسانجو جنم سڦلو ڪيو اٿوَ. ڪئنيڊا ۽ آمريڪا ۾ هي پوتر پستڪ، پيا ٻيا پڙهندا. پوءِ اهو مونهنجي ڌارمڪ سيڪشن (پستڪ آليه جو) سونهن ۽ سينگار ٿي، سڳند ڏيندو. وڌن ۾ پوتر آتمائن جا وچن ڏيئي، چار چنڊ لڳايا اٿوَ. سنڌ

پرياڻ پبلبڪيشن پاران
شايع ٿيل پستڪ

(١) راڌا سان رهاڻ- ادب لطيف
ليکڪ: ايم. سجڻ
مارچ ١٩٩٢

(٢) آڪاٽيون عجيبن جون- رجنيش وارتائون
انواد ڪندڙ: ڦتن پرسواڻي سيپٽمبر ١٩٩٢

(٣) جيڪي ڏٺو مون!- ڪهاڻيون
ليکڪ: ڦتن پرسواڻي
مئي ١٩٩٣

(٤) ڏيئا ٻرن، شعلا وجن- سمرتي-چتر
مُول ليکڪ: ڪنعيالال مشر ”پرڀاڪر“
ترجمان: ڦتن پرسواڻي
ڊسمبر ١٩٩٣

(٥) گرڻ ديوتا
(ڀارتي ڀاشائن مان انواد ڪيل
ست چونڊ ڪهاڻيون)
سنپادڪ: ڦتن پرسواڻي
جولاءِ ١٩٩٤

(٦) ٽانڊاٽا (انڌيري رات ۾)
ليکڪ: ايشور آنچل
ڊسمبر ١٩٩٤

(٧) جيئه بدري وشال! (آنند-ميه ياترا)
ليکڪ: ايم. سجڻ ۽ ڦتن پرسواڻي
جُون ١٩٩٥

وچن!

هي پراڻيشورا!
تون منهنجن سڀني انگن کي،
ڏيهن-راس سپرش ڪري رهيو آهين؛
اهو ويچار ڌري،
مان پنهنجي سرير کي پوتر رکندس!
پنهنجن خيالن کي،
اسٽيه سان ڌنڌلو نه ٿائيندس؛
چو ته تو منهنجي وويڪ کي؛
ستيه جي ديپڪ سان روشن ڪيو آهي!
پنهنجي هردي ۾،
پاپ جو واسو ٿيڻ نه ڏيندس؛
چو ته اتي تنهنجي اوچل مورتي براجمان آهي!
منهنجن مڙني ڪمن ۾،
تنهنجو ئي پرڪاش هوندو؛
تنهنجي ئي پريرڻا هوندي!

روي ٺاڪر